ڊاڪٽر مهر خادم
چيئرمئن سنڌي شعبو
شاھ عبد اللطيف يونيورسٽي، خيرپور

# ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ جو اسلوب

## (ATTA MUHAMMAD HAMI AS A PERSON AND THE DICTION OF HIS POETRY)

***Abstract:***

*Prof. Dr. Atta Muhammad Hami was a man of intellectual superiority. He served the human society in different capacities as a poet, educator, research scholar and politician. Dr Hami was equally good in all fields. He used to consider politics as a form of worship. His unique contribution was of marvelous level. Dr Hami was a nice person too. His personality was full of qualities and traits. He always felt for others and helped the poor and downtrodden greatly. Sense of humour was a prominent feature of his loving personality. The current study sheds light on diction of Hami's poetry and prose works. His poetry is classified into different periods. His diction is simple and illustrated with figures of speech. It is unique diction that makes his writings pithy and meaningful.*

ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جو جنم پهرين جنوري 1919ع ۾ ڳوٺ سوهو ڪناسرا ۾ ٿيو. پاڻ شاعر، سياستدان، محقق ۽ تعليمدان هو. سنڌس زندگيءَ جا چارئي پاسا جاندار ۽ برجستا رهيا آهن. هو اعلى پائي جو استاد شاعر هو، سياست کي عبادت سمجهندو هو. معياري تحقيق جو قائل هو. پنهنجو علم



.

نئين نسل ڏانهن منتقل ڪندڙ هو. حامي صاحب فقير طبيعت جو صوفي منش انسان هو، جنهن پوري زندگي ڏيڻ ڄاڻيو ۽ جيڪڏهن ورتو ته پنهنجي ماڻهن لاءِ ورتو. ڪابه لالچ ڪيس مقصد کان هٽائي نه سگهي ۽ نه ئي وري ڪڏهن ڪنهن جي ڏاڍ مڙسي جي اڳيان جهڪيو. لاطمع، بيباڪ، امن پسند ۽ انسان دوست شخصيت جو مالڪ هو. سڀ سان ڀلائي ڪندڙ، هر ڪنهن جي ڪم ايندڙ، هن شخصيت ڪڏهن به ڪنهن جو برو نه چاهيو، سڀ جو خير گهرندڙ ۽ سڀ ڪي پنهنجو سمجهندڙ ۽ سيني لاءِ محبوب شخصيت جو مالڪ هو. هو واعدي جو سچو، جنهن جو ساٿ ڏئي ته اَن سان اٽل ٿي بيهي رهڻ وارو ماڻهو هو، جنهن تي دوست ۽ ساٿي اعتبار ڪندا هئا، ڪين معلوم هو ته هي جنهن سان واعدو ڪندو آهي ته وفا به ڪندو آهي، سياسي، سماجي، ادبي ۽ علمي محفلن جو سدائين مور رهيو ۽ پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريو. حامي صاحب ڪي ڪڏهن به شهرت جي اُڃ نه رهي، وٽس هر وقت ايندڙن جا ميلا متل رهيا. نوجوان ته هن جي مزاج جا پروانا هئا. هي حُسن پرست ۽ عاشق مزاج شاعر سدائين ڪل خوشيءَ ۾ رهيو. پنهجي پيارن جي لاءِ لفظ "ظالم" ڪتب آڻيندو هو. حا ضر جواب ۽ حسين خيالن جو مالڪ هو. ڪڏهن ته ڀري محفل ۾ به سچ چئي ڏيندوهو. هڪ ڀيري:

> جيڪب آباد جي سالياني جلسي جي سلسلي ۾ ٿيل مشاعري ۾ جيئن فيض صاحب (فيض بخشاپوري) پنهنجو ڪلام باغت نظام مرحمت فرمائي مائيڪ ڇڏيو پئي ته هڪ وڏو واڪو ٿيو ته "فيض صاحب پنهنجي ڪلام جو سنڌيءَ ۾ ترجمو به ٻڌايون وڃو!" اهو آواز حامي صاحب جو هو. (حداد، 1986، 30 )

حامي صاحب جي حوالي سان محمد علي حداد مارشل لا جي دور ۾ خيرپور رياست جي وزيراعلى، ممتاز حسن قزلباش بابت ڏنل بيان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

> 1958ع ۾ مارشل لا لڳي ۽ فوجي عدالت ۾ حامي صاحب ڪي رياست جي حزب اقتدار جي ليڊر ۽ وزيراعلى، مرزا ممتاز حسن قزلباش مرحوم جي خلاف شاهديءَ لاءِ گهرايو ويو ته هن دريا دل انسان فوجي عملدارن جي اڳيان قزلباش جي ذهانت ۽ رياست لاءِ سندس ڪيل خدمتن جي



.

اعتراف ۾ انهن اکرن سان طويل بيان ڏئي سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. جڏهن جو قزلباش مرحوم جي نوازيل ظاهر ۾ جنتي قسم جي شڪل شبيهه وارا بزرگ به مرحوم جي مخالفت ۾ وڏي واک بيان ڏئي آيا هئا. ان وقت حامي صاحب کان ان ابتي گنگا وهائڻ جو سبب پڇيو ويو ته پاڻ کلي چيائين "بابا ڪريل کي مارڻ پنهنجو شيوو ناهي (حداد، 1986، 24)

سچو ماڻهو بهادر ٿيندو آهي. ڀٽي صاحب جي اقتداري وقت ۾ ڪيس به، شاعريءَ ۾ سچ چوندڙ حامي صاحب، جڏهن ڀٽي صاحب لاءِ پنجاب هاءِ ڪورٽ جو فيصلو آيو ته، چيائين: "منصور زماني جو چڙهي ٿو ڦاهي" حداد صاحب جي چوڻ مطابق پاڻ اڪثر چوندو رهندو هو، ته: "ڀٽي کي بابا فرشتن ڪنيو پنهنجو ڪري هو، پرهاڻي اسان جو ڪري ٿا مارنس. (حداد، 1986،24 )

ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو. هو نه فقط بلند پائي جو اديب ۽ شاعر هو، پر عظيم انسان به هو. خوش طبع هو. خوش خلق هو. خوش اخلاق هو ۽ انسان دوست هو. سندس دل ۾ انسانيت جو درد هو. دوستن لاءِ محبت ۽ پيار هو ۽ شاگردن لاءِ شفقت هئي. هو پنهنجن توڙي پراون تي هڪ جهڙو مهربان هو. ڪنهن کي پيڙا ۾ پسي نه سگهندو هو ۽ پنهنجي هڙان توڙي وڙان ان جي سهنج ۽ سلامتيءَ لاءِ وسان ڪين گهٽائيندو هو. (مقصود گل،2002، 8)

جيڪڏهن هڪ شخص نيڪ نيت، رحمدل، بردبار، سهڻو ڳالهائيندڙ ۽ وسيع مطالعي وارو هوندو ته يقينن اهو ڪردار جو به برجستو انسان هوندو. هو اهو شخص هو، جنهن وٽ سڀ انساني خصلتون هيون. صحيح طرح سان انسان هجڻ ئي وڏي ڳالهه هوندي آهي. حامي صاحب، سڀ جو يار ۽ سڀ جو منڙو ماڻهو هو، محترم علي احمد بروهي چواڻي ته: "پنهنجي گهراڻي، ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ جي رهاڪن لاءِ ته حامي صاحب ڪم ڪاج ۽ هر مشڪل ۾ خواجه خضر جي حيثيت رکندڙ هيو. سنڌي ٻوليءَ جو سچو خادم، عاشق ۽ سنڌ جو صحيح معنیٰ ۾سپوت هيو".(مقصود گل،2002، 27)  نيڪ نيت انسان کي هر

ڪو پنهنجو سمجهندو آهي. حامي صاحب، هڪ نيڪ نيت انسان هو، انڪري ئي سڀ ماڻهو ڪيس پنهنجو سمجهي پنهنجي مسئلن لاءِ وٽس ايندا هئا ۽ هي پنهنجي اثر رسوخ ۽ واسطيداريءَ ڪي ڪتب آڻيندي سندن مسئلا حل ڪرائيندو هو. سندس زندگي جو مقصد هو ٻين جي ڪم اچڻ، ٻين سان ناتو نڀائڻ، جنهن سڄي زندگي ٻين جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاءِ وس وارن ڪان گهرڻ ۾ به عار نه ڪيو، پر پنهنجي لاءِ ڪڏهن به ڪنهن ڪان نه گهريو. ڊاڪٽر غلام علي الانا، حامي صاحب جي شخصيت بابت هن طرح سان خيالن جو اظهار ڪري ٿو:

> حامي صاحب جي واتان اُترادي لهجي واري انداز ۾ گفتگو ڏاڍي مٺي لڳندي هئي، پاڻ گهڻو ڪري پنهنجيءَ گفتگوءَ ۾ سامهون واري لاءِ اسم تصغير جو صيغو گهڻو استعمال ڪندو هو. عام گفتگو به شاعرانه انداز سان ڪندو هو. سندس هر جملي ۾ شاعرانه طرز نمايان هوندي هئي.(مقصود گل،2002، 2)

حامي صاحب، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي رهبريءَ هيٺ پي- ايڇ- ڊي ڪئي هئي. هي سندس پهريون پي- ايڇ- ڊي ڪندڙ شاگرد هو.

**شاعري ۽ اسلوب:**

شاعرن ڪي پنهنجو اسلوب قائم ڪرڻ لاءِ سال لڳي ويندا آهن. سالن جي مشق ڪان پوءِ ئي ڪنهن شاعر ڪي پنهنجو اسلوب قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي آهي.اهو ضروري نه آهي ته، هر شاعر پنهنجو اسلوب قائم ڪري وٺي، اها خوبي ٻوليءَ جي وڏن شاعرن ڪي نصيب ٿيندي آهي، جيڪي نواڻ ۽ ترقي پسند سوچ جا مالڪ هوندا آهن. وڏا شاعر تقليد پسند نه پر پنهنجا نوان گس، نوان موضوع، نوان گهاڙيٽا ۽ نئين سوچ تخليق ڪندا آهن. وڏن ۽ جدت پسند شاعرن لاءِ اهو ضروري نه هوندو آهي ته، سندن شاعريءَ جو مقدار وڌيڪ هجي. هو مقدار ڪان وڌيڪ معيار ڪي ترجيح ڏيندا آهن. اسلوب جي لغوي معنى هن طرح آهي:

اُسلوب: د (ع) نمونو- ڍنگ. طريقو

اُسلوب دار: ص. سهڻي ترتيب وارو- زيبائتو. (بلوچ،2006، 52)



.

ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي شاعريءَ جو پنهنجو نمونو، ڍنگ ۽ طريقو آهي. سندس شاعري زيبائتي ۽ سهڻي ترتيب واري آهي. سندس شاعريءَ ۾ استعمال ڪيل ٻوليءَ جي لفظن جي چونڊ پنهنجي آهي. سادن لفظن ۽ عام سمجھ ۾ ايندڙ مفهوم جي ڪري، سندس شاعري وڌيڪ سونهن ڀري بڻجي پوي ٿي. هن جي شاعريءَ جو آهنگ ئي جدارو آهي. ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي شاعريءَ ۾ سادي ۽ عام فهم ٻولي، مفهوم جي چٽائي، پيشڪش جو نئون ۽ پنهنجو انداز، هن جي اسلوب کي ظاهر ڪري ٿو.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي جو شاعريءَ سان تعلق ننڍي هوندي کان ئي رهيو. شروع ۾ سندس تعلق جمعيت الشعراء جي حلقي سان رهيو، جن جو ان ڳالهه ڏانهن وڌيڪ زور هوندو هو ته شاعري ۾ فن ضروري آهي. هن جي شروعاتي شاعريءَ ۾ فارسي وارو مزاج نظر اچي ٿو. پر ڪجھ ئي عرصي بعد هيءُ حقيقت پسند شاعر نئين جدت سان موٽ ڪائي ترقي پسند سوچ سان شاعري ڪرڻ لڳو. ڊاڪٽر تنوير عباسي، حامي صاحب جي شاعريءَ کي ٽن دورن ۾ ورهايو آهي. سندس شاعريءَ جي دورن متعلق راءِ آهي، ته:

> حاميءَ جي شاعريءَ جي شروعات فارسي طرز جي نظم (مسدس، مخمس وغيره) ۽ غزل سان ٿي. سندس ابتدائي شاعريءَ ۾ فارسي زده ٻولي، ترڪيبون، محاورا ۽ تشبيهون وغيره هيون. (بلوچ،2006، 1 )

هن دور جي جڏهن شاعري پڙهجي ٿي ته، ان جون پاڙون ۽ بنياد پنهنجي سماج ۽ ڌرتيءَ سان جڙيل نه آهن. ٻوليءَ جي لفظن ۾ گهڻائي فارسي ٻوليءَ جي لفظن جي، ترڪيبون. محاورا ۽ تشبيهون به ٻي سماج ۽ ڌرتيءَ سان واسطورڪندڙ ملن ٿا. ڊاڪٽر تنوير عباسي، حامي صاحب جي شاعريءَ واري ٻئي دور بابت، پنهنجي راءِ هن طرح ڏئي ٿو ته:

> حامي جي شاعريءَ جو ٻيو دور ورهاڱي کان ٿورو پوءِ جو آهي. ان دور ۾ هر حساس ۽ اهل دل وانگر حاميءَ پڻ محسوس ڪيو ته، آزاديءَ جو

ڦل فقط هڪ پرماري گروهه کي نصيب ٿيو ۽ سنڌ جو عوام ڏتڙيل جو ڌتڙيل رهيو. (بلوچ،1،2006 )

قوم لاءِ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مقصد ۽ اصول هوندا آهن، پر جڏهن آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ انهن اصولن ۽ مقصدن کي وساري ذاتي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حڪمران طبقو پنهنجي ذات پنهنجي ويندو آهي، تڏهن ملڪ ترقي ڪري نه سگهندو آهي. اهڙين رياستن ۾ غريب غريب تر ۽ امير امير ٿيندو ويندو آهي. اهڙين رياستن ۾ ترقي، خوشحالي ۽ انصاف وارا اصول باقي نه رهندا آهن. نتيجي ۾ مجموعي طور سماج ۾ ويڳاڙپ لاچاري ۽ بي يقينيءَ واريون ڪيفيتون جنم وٺنديون آهن. شاعريءَ جي ٽئين دور بابت ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جا ويچار هن طرح آهن:

> سندس شاعريءَ جو ٽيون دور 1962ع ڌاري شروع ٿيو. جڏهن هن غزل جو فارسي زدهه نمونو ڇڏي سليس سنڌيءَ ۾ غزل چوڻ شروع ڪيا. سندس اهي غزل نه فقط ساديءَ، سهڄيءَ ٻوليءَ ۾ چيل آهن ۽ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجي جي نرمي ۽ محاوري جي شوخي سمايل آهي، پر موضوع جي لحاظ کان پڻ جديد دور جي مسئلن کي انهن ۾ سمايو ويو آهي.(بلوچ،2006، 1، 2)

ڊاڪٽر تنوير عباسي، حامي صاحب جي شاعريءَ جي آخري دور بابت هيءَ راءِ رکي ٿو ته:

> آخري دور ۾ حاميءَ جيڪي رباعيون لکيون آهن، اُهي سندس شاعرائين صلاحيتن جي چوٽ آهن. رباعي فارسي صنف آهي ۽ ان جا بحر سنڌي ٻوليءَ جي اچارن ۽ لهجي لاءِ اوپرا آهن، پر حامي انهن بحرن ۾ سولي، سپڪ، روان ۽ مترنم ٻولي آڻڻ سان ڪمال ڪيو آهي، پر انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ اهميت واري ڳالهه آهي، انهن رباعين جو موضوع ۽ مرڪزي نڪتو، مذهبي تعصب ۽ مذهب جي نالي ۾ فتني ۽ پرماريت کي حاميءَ پنهنجي رباعين کي موضوع بڻايو آهي. (بلوچ،2،2006 )

ڊاڪٽر عطا محمد حامي، استاد شاعر هو، جنهن کي علم عروض جي پوري پوري ڄاڻ هئي. هن نه صرف پاڻ شاعريءَ کي طريقي سان لکيو پر ڪيترن ئي شاعرن کي ان جي تربيب به ڏني جن شاعرن ڪانئس شاعريءَ جي سکيا ورتي، انهن ۾ سنڌ جا نامور شاعر ۽ دانشور: "ڊاڪٽر اياز قادري، جناب نياز همايوني، ڊاڪٽر نواز علي شوق، اميد خيرپوري ۽ قاضي مقصود گل جا نالا شامل آهن".(بلوچ،2006، 35) شاعريءَ جي سهيڙ ۽ سنڀال جي حوالي سان به ڊاڪٽرحامي صاحب لاپرواهه رهيو، ان حوالي سان ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو ته:

> حامي صاحب، سڄي عمر هر معاملي ۾ بي پرواهه رهيو، هو پنهنجي شاعريءَ جي باري ۾ ته سڀ ڪان وڌيڪ لاپرواهه رهيو. شعر لکيو، مشاعري ۾ پڙهيو، بس ڪم پورو، شعر وارو ڪاغذ ڪو ڪٽي ويو يا ڪٽي ڦٽي ڪري ڇڏيو، وري نه شعر ئي ياد نه ڪاغذ ئي ملي.(بلوچ،2006، 2)

اهي لک شابسون، محمد علي حداد صاحب کي آهن، جنهن حامي صاحب جي ٽڙيل پکڙيل شاعريءَ کي گڏ ڪري ڪتاب "حاميءَ جو ڪلام" ترتيب ڏئي 1986ع ۾ شايع ڪرايو. ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي شاعري پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته هو انسان دوست، حسن پرست، ديس سان بي پناهه محبت ڪندڙ ۽ رياڪاري کان نفرت ڪندڙ شاعر هو. هن جي شاعريءَ تي تصوف جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. سچل سرمست واري بي باڪي ۽ منهن تي سچ چوڻ واري جرئت، حامي صاحب جي شاعريءَ ۽ زندگي جي واقعن مان به ملي ٿي. سندس سچل سرمست متعلق مطالعو وسيع هو، هن نه صرف درازن جي دولهه کي پڙهيو هو، پر ان سان گڏو گڏ هيئنئن سان هنڊايو به هو. سندس شاعريءَ کان ان حد تائين متاثر هو، جو سندس فارسي مثنوين کي سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو پڻ ڪيائين. سچل سرمست جون رمزون سندس زندگيءَ ۾ جهلڪندي محسوس ٿين ٿيون. حامي صاحب پنهنجي سماج سان جڙيل ۽ پنهنجي ماڻهن سان پيار ڪندڙ ۽ همدرد هو. هو سماج جي اڻ برابريءَ کان واقف هو. هن جي ڪردار سبب ئي ماڻهو سندس دل

سان عزت ڪندا هئا، اهو ئي سبب آهي جو هو پاڻ ڪان وڌيڪ مالي مضبوط ماڻهن سان اليڪشن ۾ بيٺو ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي. اهو دل جو يقين به دل ۾ سچائي رکندڙ ماڻهوءَ ۾ ئي پيدا ٿي سگهي ٿو. هو دل اندر سچائي رکندڙ شاعر هو. حامي صاحب جي سچائي ڪان سندس دوست واقف هئا، پر مخالفن کي به خبر هئي ته هيءُ شخص ڳجهو ۽ دوکو ڏيندڙ نه پر ظاهر ظهور، چٽو ۽ آشڪار آهي. جيڪا ڳالهه دل ۾ هوندي هئي، اها ئي سندس زبان مان ادا ٿيندي هئي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، حامي صاحب جي شاعريءَ متعلق لکي ٿو ته:

> حامي مرحوم بنيادي طرح شاعر هو ۽ سنڌي عروضي شاعريءَ جو هڪ باڪمال شاعر هو. ڪيس عروضي فن تي مڪمل دسترس حاصل هئي. اهو ئي سبب آهي، جو سندس شعر ۾ فني پختگي آهي. قوائد و ضوابط جي پابندي آهي. روايت ڪان بغاوت نه آهي ۽ فڪري گهرائي آهي. هن روايت کي هٿان ته نه ڇڏيو آهي، پر جدت ۽ انفراديت به پيدا ڪئي آهي. جمال جو جلوو ۽ محبت جا مضامين سندس شاعريءَ جا مرڪز ۽ محور آهن. (بلوچ،2006، 18)

ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي شاعريءَ جو اسلوب ۽ آهنگ پنهنجو آهي:

ڪنهن سان به ڪائنات ۾ ڪلفت نٿا رکون
مذهب اسان جو آهي محبت خدا گواهه

(حامي، 1986، 162)

ڪلفت جي ڳالهه ڪر نه عداوت جي ڳالهه
ڪر
مون سان ڪرين ته مهر و محبت جي ڳالهه
ڪر

(حامي، 1986، 141)

جڳهه جوڙي جا هر دل ۾ اها گفتار پيدا
ڪر
رسائي جيڪا منزل تي، اها رفتار پيدا



.

ڪر

فقط اهل زمين ڇا، عرش وارن کان ملندو
آهي!
اڙي انسان! تون انسان جو ڪردار پيدا
ڪر

(حامي، 1986، 127)

حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ وارا جذبا آهن. نڳي ۽ ڪوڙ کان نفرت ڪري ٿو. ساري انسان ذات سان محبت جو درس ڏئي ٿو. سهڻي ڳالهائڻ جو قائل هو. ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ واري سوچ رکندڙ هو. انساني ڪردار جي بلندي چاهيندڙ هو. حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ حسن پرستيءَ جا احساس ڇٽا نظر اچن ٿا. هو ظاهر ظهور، حسن ۽ حسينن کي چاهيندڙ شاعر هو. هن وٽ، حسن جا ڪيترا ئي احساس ملن ٿا. حسن ۽ حسينن کي چاهڻ واري ماڻهوتي طعنن جا تير به اڇلايا ويندا آهن، ته وري ڪين نندڻ کان به نه مڙندا آهن. اهو عاشق ۽ حسن پرست ئي کهڙو جيڪو گلا کي ڳلي نه لڳائي. جيڪو سر تي ملامت نه ڪٽي ، اهو عاشق ٿي ئي نه سگهندو. عاشق ئي ملامتن کي منهن ڏيندا آهن ۽ حُسن کي وڏي واکي ڳائيندا آهن. حامي صاحب به حسن جي تعريف نرالي انداز سان ڪئي آهي.

هر ڪنهن کي تنهنجي حسن تي حيران ڏسان ٿو اڄ
جنهن کي ڏسان ٿو تنهن کي، پريشان ڏسان ٿو اڄ

(حامي،1986، 160)

ياد رکون ٿا تو کي هردم، پنهنجو پاڻ وساريون ٿا
سوز فراق ۾ ڳوڙها ڳاڙي، پنهنجو عشق اجاريون ٿا

(حامي، 1986، 164)

محبت جا اسير آهيون، مصيبت کان ڇو گهبرايون؟
محبت ۾ ته ڦاهي پي، ڳلي جو هار ٿيندي آ

(حامي، 1986، 182)



.

انسان ڪهڙي به مزاج جو هجي پر حسن ان کي متاثر ڪندو آهي، حسن کي ڏسي ڪيترائي پريشان ٿي ويندا آهن. محبت ۾ هميشه محبوب کي ياد ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ ڳوڙها ڳاڙياويندا آهن ۽ اهڙي طرح سان عشق کي اجاريو ويندو آهي، حامي صاحب مطابق محبت جا اسير مصيبتن کان نه گهبرائيندا آهن، هو ته محبت ۾ ڦاهيءَ کي به هار سمجهندا آهن.حُسن جي فوج جي ترڪيب، سچل سرمست جي آهي، جنهن کان متاثر ٿي حامي صاحب به استعمال ڪئي آهي.

دل تي جو فوج حسن جي، حملو ڪري چڙهي
بدمست بڻجي عشق پڳي، عقل جي مڙهي

(حامي، 1986، 143)

حسن جي ادائگيءَ، واڪاڻ ۽ اظهار جو هي انداز ۽ اسلوب حامي صاحب جو پنهنجو اصلوڪو ۽ نرالو آهي. هن جي ڪلام جي اٽت ئي نرالي آهي، سندس استعمال ڪيل ٻوليءَ جا لفظ سادا ۽ مفهوم گهرو آهي.

تنهنجي حسن ڏي مولى خير ڪري حيران هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي نينهن جي نازڪ ناتي ۾، نقصان هزارين پيا ٿيندا.

جنهن پنهنجي جگر جو خون ڏئي، تنهنجي حُسن ۾ رونق آندي آ
ان عاشق تي الزامن جا، احسان هزارين پيا ٿيندا

(حامي، 1986، 166)

حامي صاحب، محبوب جي اعلى حسن جي تعريف ڪندي، ان کي بد نظرن کان بچڻ جي دعا به ڪري ٿو. هي ان حسن جي ڳالهه ڪري ٿو، جنهن کي ڏسندي هزارين انسان حيران ٿي وڃن ٿا، جيڪو اهڙي شخصيت سان نينهن جو ناتو جوڙيندو ته ان جا نقصان به هزارين ٿي ويندا. عاشق جو ته ڪم ئي پنهنجو جگر جلائڻ ۽ سدائين الڪي ۾ رهڻ آهي، جنهن کي ڏينهن رات پرينءَ جي پريشاني آهي. عاشق، نالو ئي ڏيڻ جو آهي، جيڪو خلق جا هزارين الزام سر تي سهي ٿو، پر پوءِ به پنهنجي محبت سان سچائيءَ جو ثبوت ڏيندو اچي ٿو.

حامي صاحب جي هن غزل جو انداز ۽ اسلوب ٻين شاعرن کان نرالو آهي. لفظن جي چونڊ، سادي ۽ عام فهم ٻولي، پيشڪش ۾ ڪو به ابهام نه، سادي ۽ سلوڻي ٻوليءَ جي استعمال سبب غزل وڌيڪ اثرائتو ۽ اهميت وارو محسوس ٿئي ٿو، جيڪو پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تي پنهنجو الڳ اثر ڇڏي ٿو.

حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ ديس سان محبت جو انوکو انداز آهي، هن جو اسلوب ئي پنهنجو آهي. جيڪو شاعر پنهنجي سماج ۽ ڌرتيءَ سان واڳيل هوندو آهي، اهوئي سچو شاعر ليکيو ويندو آهي. اهڙي ئي شاعر ۾ نواڻ هوندي آهي ۽ سندس خيال نرالا هوندا آهن، ڇو ته هر شاعر جي سماج جون حقيقتون الڳ ۽ ڌرتيءَ جا رنگ نرالا ۽ جدارا هوندا آهن، ساڳئي ڌرتيءَ جي شاعرن جو وري اظهارجو انداز پنهنجو پنهنجو ۽ جدارو هوندو آهي، جيڪو کين الڳ سڃاڻپ بخشيندو آهي.حامي صاحب وٽ، ديس سان محبت جو الڳ انداز آهي.

نظر ميري ڪري جيڪو ڏسي، هن ڏيهه پنهنجي ڏي
انهيءَ مردود موذيءَ جو گهٽو ڏئي ساهه گهٽڻو آهه

(حامي، 1986، 159)

علم عروض جي حوالي سان چار پيرا مفاعيلن جي استعمال سان جوڙيل هن بند ۾ وطن سان محبت جو الڳ انداز آهي. سادي ٻولي ۽ سادي خيال ۾ وڏي مقصد واري ڳالهه ڪئي وئي آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي ڌرتي ۽ ديس پيارو هوندو آهي، ڪوبه غيرتمند انسان سر جي پرواهه بنا ڌرتيءَ جي حفاظت ڪندو آهي. ديس ڏانهن ميري اک ڪڻندڙ کي دشمن سمجهيو ويندو آهي ۽ حامي صاحب جي شعر مطابق اهڙي بدبخت کي هٿن سان به ماري انت تي پڄائڻ گهرجي.

انسان جي عظمت کي سچو سمجهون ٿا
هر ڪنهن کي اسان صاف سٺو سمجهون ٿا
پر ديس جو دشمن جو ٿئي ٿو حامي
ان ڪڙم جي ويريءَ کي ڪتو سمجهون ٿا

(حامي، 1986، 261)

شاعر جي سوچ انسان دوستيءَ ۽ ڀائيچاري واري آهي. هي شاعر، انسان جي عظمت جو قائل آهي، جيڪو هر ڪنهن کي صاف ۽ سٺو سمجهي ٿو، پر ديس جي دشمن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت ڪري نه ٿو سگهي.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي، پنهنجي شاعريءَ ۾ رياڪاريءَ کي به ننڌي ٿو. رياڪار جو جيڪو ناڪاري ڪردار رهيو آهي، تنهن کي به ظاهر ڪندي ان جي

ڪردار ڪان آگاهه ڪري ٿو. عبادت به اهائي قابل قبول هوندي آهي، جنهن ۾ نيت خالص هجي. ڪردار اهو ئي سهڻو هوندو آهي، جيڪو سماج جي ڀلائيءَ جو ڏس ڏئي، نفرتون ختم ڪري، محبتن جو پرچارڪ هجي. حامي صاحب، ذاتي زندگيءَ ۾ محبت جو پرچارڪ رهيو آهي. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ اهو ئي ڪردار نيائيندي نظر اچي ٿو.

خدا جي عبادت جو مقصد ئي اهو آهي، ته عبادت ڌيان ۽ توجه سان ادا ڪئي وڃي. نماز اها عبادت آهي، جنهن ۾ بندو پاڻ کي پنهنجي مالڪ حقيقيءَ آڏو حاضر سمجهندو آهي. اهڙي عبادت ۾ به جيڪڏهن ڌيان ڀٽڪيل هوندو ته دل کي سڪون به حاصل نه ٿي سگهندو. حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ اهائي تلقين آهي، ته سر سان گڏ دل به سجدي ۾ جهڪي ته نماز خوبصورت ٿي سگهي ٿي. حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ نازڪ خيالي به ڪمال جي آهي. محمد علي حداد سندس شاعريءَ جي خوبين کي ڇاٽائيندي، لکي ٿو ته:

> حاميءَ جي ڪلام کي کي جتان به کولي پڙهو ته اوهان کي تجنيس حرفي، محاورا ۽ اصطلاح، بي ساختگي، نازڪ خيالي، عڪاسي، تلميح، تشبيهه ۽ اهڃاڻ (علامت) جا واهڙ وهيل نظر ايندا. (بلوچ،47،2006 )

حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ مٿي ڄاڻايل سموريون خوبيون موجود آهن. تڏهن ته سندس شاعري نرالي احساس واري محسوس ٿئي پئي. پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تي اثر ڇڏي ٿي. شاعريءَ ۾ مطلع بعد مطلع جو استعمال ٻڌندڙ تي سحر طاري ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اها خوبي، حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ ڪافي نظر اچي ٿي.

ڪلفت جي ڳالهه ڪر نه عداوت جي ڳالهه ڪر
مون سان ڪرين ته مهر و محبت جي ڳالهه ڪر

(حامي، 1986، 141)

غزل جي مٿين بندن کي پڙهڻ سان ردم وڌيڪ پراثر ٿي وڃي ٿو. شعر جو ترنم اثر انگيزي پيدا ڪري ٿو. هڪ ڪيف وارو ماحول جڙي پوي ٿو. مطلع بعد مطلع تخليق ڪرڻ سان، امر اقبال لکي ٿو، ته:

مطلع بعد مطلع جو سلسلو جوڙڻ ڪنهن به جهڙي تهڙي شاعر جو ڪم نه هوندو آهي. حاميءَ جا اڪثر غزل اهڙي مشق جا آئينا آهن، جيڪي سنڌس قادرالڪلام شاعر هجڻ جي گواهي ڏين ٿا. (امر اقبال،93،2021)

حامي صاحب جي شاعريءَ ۾ نراليون خوبيون آهن. شعري صنفن سان گڏوگڏ شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪوئي مجيل ۽ چاڻو شاعر ئي ڪري سگهندو آهي. حامي صاحب، مجيل ۽ استاد شاعر هو هن پاڻ کي، شاعريءَ ۾ الڳ اسلوب اختيار ڪري اهم شاعرن ۾ ڳڻايو آهي.

## نتيجو:

ڊاڪٽر عطا محمد حامي پنهنجي دور جو وڏو ۽ اهم شاعر آهي. جنهن جي شاعري ۾ سندس شخصيت جون خوبيون به جهلڪن ٿيون ته سماجي حقيقت نگاري به ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٻوليءَ جي سادن لفظن جو استعمال، تشبيهن ۽ استعارن جي نرالي چونڊ، غزل ۾ مطلع بعد مطلع جو استعمال سندس شاعريءَ جي نرالي اسلوب کي ظاهر ڪندڙ خوبيون آهن. حامي صاحب جي شاعري ڪا گهٽي ڪو نه آهي، پر پوءِ به سندس شاعريءَ جو معيار ظاهر ڪري ٿو، ته هي پنهنجي دور جو اهم ۽ الڳ اسلوب رکندڙ شاعر آهي، جنهن جي شاعري کي اڄ به پڙهيو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو.

### حوالا:

امر اقبال.(2021).حاميءَ جو ڪلام: هڪ اڀياس.خيرپور، سنڌ: پوپٽ پبلشنگ هائوس

بلوچ.(2006).عبدالستار. سنڌيڪا لغت.ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي

حامي، عطا محمد.( 1986). حاميءَ جو ڪلام.مرتب: محمد علي حداد. خيرپور، سنڌ: پوپٽ ڪارڊ سينٽر

مقصود گل.(2002).اندرروح رهيام.خيرپور، سنڌ: حامي يادگار ڪميٽي